# سنڌ پاڻي ڪيس

## ورهاڱي کان ڪالاباغ تائين

( تاريخي حقيقتون ۽ جدوجهد )



Gul Hayat Institute

kaptan abro

رسول بخش پليجو

روشني

# سنڌ پاڙي ڪيس

## 1859ع کان وٺي ڪالاباغ ڊيم تائين

(تاريخي حقيقتن، مدلل دليلن ۽ هلايل تاريخ ساز جدوجهد تي مشتمل شاهڪار ڪتاب)

رسول بخش پليجو

Gul Hayat Institute

روشني پبليڪيشن

ڪنڊيارو

2017ع

## انتساب

انهن سورهيہ ۽ سرويچ سنڌياڻين
۽ جاکوڙي نوجوانن، ٻارن
۽ ٻڍن جي نالي،
جن پيرين پنڌ
سکر کان ڪراچيءَ تائين،
حيدرآباد کان ڪراچيءَ تائين،
پٽ شاهہ کان ڪراچيءَ تائين
رياستي تشدد ۽ گرفتارين جي باوجود
ڪالاباغ ڊيم خلاف
پوري ثابت قدميءَ ۽ بهادريءَ سان
جدوجهد جاري رکي،
مظاهرا، جلسا، جلوس،
بک هڙتالون ڪري،
ڪالاباغ ڊيم جي
ڪاريهر نانگ کي ڪُچلي،
ان جي اڏاوت جو
هيستائين رستو روڪي رکيو آهي.

Gul Hayat Institute

# فهرست


- ٻه اکر 07
- سنڌ جي وجود تي وار ۾ انهن جو عالمي تاريخي پس منظر 11
- سنڌ جي پائيواريءَ وارن درياهن جي پاڻيءَ مٿان لڳندڙ ڌاڙا 22
- پاڻي معاملي ۾ سنڌ سان ٿيل ويساهه گهاتين جي تاريخ 31
- سنڌ کان پاڻي کسڻ جي مرحليوار حقيقت 40
- ورهاڱي بعد سنڌ سان پاڻيءَ بابت ويساگهاتيءَ جي شروعات ملڪي سياهه سفيد جا مالڪ سوچين 55
- سنڌ جي پاڻي تي سازشن جو تاريخي وچور 73
- پاڻيءَ تڪرار جي منصفاڻي نبيري لاءِ غير جانبدار بين الاقوامي ٽربيونل جي ضرورت 86
- حڪمرانن کي پاڻي ۽ ڊيمن جا فيصلا ڪرڻ جو آئيني ۾ قانوني اختيار نہ آهي 99
- وفاق کي سنڌوءَ تي زبردستي بند ٻڌڻ جو ڪوبہ قانوني اختيار ڪونهي 110
- سنڌ سڄي ڪربلا! ڪربلا! 136
- آبي ذخيرن جو رينگٽ ڪڏهن بند ٿيندو؟ 160
- آخر گريٽر ٿل ڪئنال ڇو پيو ٺاهيو وڃي؟ 172
- پاڻيءَ لاءِ حقيقي پرامن جمهوري جدوجهد گهرجي 176
- ڇا اسان آمريڪا جي تيار ڪيل موسمي هٿيار هٿان ٻڏا آهيون؟ 180
- هيءَ مها ٻوڏ قدرتي آهي يا هٿرادو؟ 184
- ڪالاباغ ڊيم ۽ سنڌ جو تاريخي ڪيس 190


Gul Hayat Institute

- انڊس ڪالاباغ ڊيم خلاف عوامي جدوجهد جو تاريخي داستان 206
- ڪالاباغ ڊيم جو رڪارڊ ڀيهر وڃي ٿو 319
- پال وولفووٽز عالمي بئنڪ ۽ ڪالاباغ ڊيم 326
- سنڌ نوازشريف سان تڏهن ڳالهائيندي جڏهن هو ڪالاباغ ڊيم جي اعلان تان هٿ ڪڍندو 337
- خط 344
- ڪالاباغ ڊيم نامنظور (انٽرويو) 347
- سنڌ جي پاڻي جي مسئلي جو حل گهرجي 354
- پاڻ ئي ڪامياب ٿيندا سون 365
- ڪالاباغ ڊيم منصوبو رد ٿيڻ تائين جدوجهد جاري رهندي 375
- پليجي صاحب جو لاهور ۽ پشاور جو دورو (اخباري جهلڪين ۾) 378
- سنڌو درياهه تي ڪوبه ڊيم يا ڪئنال قبول ناهي 382
- پاڻيءَ جي مسئلي تي محترم رسول بخش پليجو ۽ پاڻي ڪميٽيءَ جي اڳواڻن جي پريس ڪانفرنس 385
- وچن 390


Gul Hayat Institute

# ٻه اکر

محترم رسول بخش پليجي صاحب جي هن ڪتاب ”سنڌ پاڻي ڪيس: 1859ع کان وٺي ڪالاباغ ڊيم تائين“ ۾ سنڌو درياءَ ۾ سنڌ جي حصي پتيءَ جي پاڻيءَ تي پنجاب جي حڪمران طبقي طرفان گذريل ڏيڍ صديءَ کان غير قانوني، غير آئيني، زور زبردستي لڳندڙ ڌاڙن، ڪيل ويساهه گهاتين، اُرهه زوراين، ناانصافين، ڪيل سازشن، پاڻيءَ جي ورڇ ڪرڻ لاءِ انگريزن جي دؤر کان وٺي ٿيل مختلف ڪميشنن ، ڪميٽين انهن طرفان ڪيل فيصلن ۽ ٺاهن، پنجاب جي حڪمران ٽولي طرفان انهن فيصلن ۽ ٺاهن جون بار بار ڀڃڪڙيون ڪرڻ ڪالاباغ ڊيم ۽ سنڌ جي حصي پتيءَ جي پاڻيءَ تي لڳندڙ ڌاڙن خلاف ڪيل سنڌ ۾ ملڪگير جدوجهدن جو تفصيلي مواد تاريخي حقيقتن ۽ حوالن سان شامل آهي.

پنجاب ۽ سنڌ، ٻئي سنڌو درياءَ ۽ ان جي سٽ جي مٿين پنجن ندين جي پاڻيءَ ۾ تاريخي طور ڀائيوار آهن. پنجاب منڍ وارو ڀائيوار آهي ۽ سنڌ پوڇڙ وارو ڀائيوار. دنيا ۾ جيئن ٻين شين زمينن، ملڪيتن، ڌنڌن ۽ ڪاروبار جي ڀائيواريءَ جا قومي، ملڪي ۽ بين الاقوامي قائدا ۽ قانون آهن، تيئن درياهن جي پاڻيءَ جي ڀائيوارن جا به قائدا ۽ قانون آهن.

محترم رسول بخش پليجي صاحب سنڌو درياءَ ۽ ان جي سٽ جي مٿين پنجن ندين جي پاڻيءَ جي ورهاست ۽ ڀائيواريءَ جي مسئلي تي بي انتها علمي ۽ تحقيقي ريسرچ ڪري دريا هن جي پاڻي ۾ منڍ ۽ پوڇڙ وارن ڀائيوارن جي حقن بابت هندوستاني، پاڪستاني، اسلامي توڙي بين الاقوامي قانونن ۽ قاعدن جي روشني ۾ مُستند دليلن ۽ تاريخي حوالن سان مختلف وقتن تي جيڪي مضمون ۽ مقالا لکيا

Gul Hayat Institute

هئا، پريس ڪانفرنسون ڪيون ۽ انٽرويوز ڏنا هئا، انهن ڪي سهيڙي گڏ ڪري جيئن جو تيئن ڪتابي صورت ۾ آندو ويو آهي.

1995ع ۾ پليجي صاحب جو لکيل ڪتاب "ڪالاباغ ڊيم خلاف ڏهن سالن جي جدوجهد جو تاريخي داستان" به هن ڪتاب ۾ شامل ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ پليجي صاحب هڪ طرف ڪالاباغ ڊيم خلاف ٿيندڙ پرامن عوامي جمهوري جدوجهدن، جنهن ۾ مظاهرن، بک هڙتالن، جلسن، جلوسن، ڪيل پيادل لانگ مارچن، پريس ڪانفرنسن، مختلف سياسي، سماجي تنظيمن، اديبن، شاعرن، صحافين، آبادگارن ۽ هر مڪتبہ فڪر سان لاڳاپيل ماڻهن جي موقف ۽ انهن طرفان ڏنل اخباري بيانن سڄي سنڌ ۽ پاڪستان جي ٻين صوبن جي ڪيل دورن جا تفصيل ڏيڻ سان گڏ ان وقت پاڪستان پيپلز پارٽي جي وزيراعظم محترمہ بينظير ڀٽو صاحبہ پاران ڪالاباغ ڊيم جو نالو بدلائي انڊس ڊيم رکڻ جو اعلان ڪيو ويو. 20 جنوري جي روزانہ "جنگ" ڪراچي، جي پهرين صفحي تي وزيراعظم بينظير ڀٽو جي نالي سان خبر ڇپي:

"کالاباغ ڈیم کے منصوبے میں ردوبدل کردیا ہے، انڈس ڈیم کو یکسر مسترد نہ کیا جائے۔" بینظیر

بي نظير ڀٽو جي مٿئين اعلان تي فوراً پليجي صاحب ردعمل ظاهر ڪندي چيو تہ "ڪالاباغ ڊيم جو نالو ڀلي شاهہ ڀٽائي رکو پر تہ بہ اهو ٺهڻ نہ ڏبو. زهر تي آب حيات جو ليبل لڳائڻ سان اهو امرت ٿي ڪونہ پوندو. سنڌ جو عوام ڪنهن بہ صورت ۾ پنهنجي درياءَ شاهہ کي ايئن گهٽو ڏئي مارجڻ نہ ڏيندو. جن بہ سازش ۾ شرڪت ڪئي، سي ماڻهن جي نظرن ۾ مير جعفر، ايوب کهڙي ۽ راشدي ڪان بہ بڇڙا ٿيندا."

پيپلز پارٽي جي پاڻي ۽ بجلي جي وفاقي وزير غلام مصطفيٰ کر طرفان زور شور سان مهم هلائي وئي تہ "غازي ٿيندس يا شهيد پر ڪالاباغ/انڊس ڊيم ضرور ٺاهيندس." ڪالاباغ ڊيم انڊس ڊيم جي حق ۾ پيپلز پارٽي طرفان هلايل مهم جو رڪارڊ پڻ هن ڪتاب ۾ شامل آهي.

پيپلز پارٽي جي حڪومت طرفان ڪالاباغ/انڊس ڊيم ٺاهڻ لاءِ وفاق ۽ پنجاب جي چونڊيل ميمبرن طرفان زوردار مهم هلائڻ ۽ سنڌ ۾

پيپلز پارٽي جي صوبائي حڪومت، چونڊيل ميمبرن، وزيرن، مشيرن ۽ صلاحڪارن جي ڦرندڙ گهرندڙ سياسي موقف ۽ بيانن جو نوس ۽ ٽڙ تجزيو ڪري سڄي صورتحال جي ڇنڊڇاڻ ۽ آپريشن ڪئي وئي آهي.

محترم رسول بخش پليجي صاحب جو هي ڪتاب سنڌ جي پاڻيءَ تي لڳندڙ ڌاڙن بابت هڪ اهڙو تاريخي، مستند ۽ مدلل سنڌ ۽ سنڌي قوم لاءِ شهه رڳ جي حيثيت رکندڙ سنڌو درياءَ جي پاڻيءَ جي مڪمل بچاءَ ۽ تحفظ لاءِ علمي، تحقيقي ۽ فڪري پورهئي ۽ ڪيل جدوجهد تي مشتمل ناياب ۽ شاهڪار ڪتاب آهي، جيڪو سنڌي عوام جي بنيادي معلومات ۾ اضافو ڪرڻ سان گڏ هڪ تاريخي دستاويز جي حيثيت رکي ٿو.

**اسماعيل خاصخيلي**

**لال جروار**

06_07_2017

Gul Hayat Institute

# سنڌ جي وجود تي وار ۽ انهن جو عالمي تاريخي پس منظر

## ڪائناتي ابتڙ ۽ لاڳاپن جو جهان

ڪائنات، انساني سماج ۽ انساني سوچ جي سائنس اسان کي ٻين گهڻين ڳالهين سان گڏ اهو به سيکاري ٿي ته ڪائنات اندر جيڪي بظاهر ڪروڙين اربين ڇڙوڇڙ ۽ اڻ لاڳاپيل شين، لقائن جا منتشر مجموعا نظر اچن ٿا، سي دراصل هڪڙي پاسي هڪٻئي سان ابتڙن ته ٻئي طرف پاڻ ۾ ڳنڍيل ۽ هڪٻئي تي دارومدار رکندڙ هڪٻئي کي متاثر ڪندڙ ۽ هڪٻئي کان متاثر ٿيندڙ نظامن جا مجموعا آهن. سموري انساني اوسر جي تاريخ به ايئن آهي. مثال طور، هيئين ڪن تمام وڏن ڇڙوڇڙ تاريخي ڳالهين ۽ واقعن جو پاڻ ۾ ڪوبه واسطو نظر نه ايندو پر جيئن نظر اچي ٿو تيئن ناهي. انهن جو پاڻ ۾ سڌو يا اڻ سڌو ويجهو يا پرانهون واسطو دارومدار ۽ هڪ ٻئي تي اثر آهي.

## روسي انقلاب کي ختم ڪرڻ لاءِ سازشون

Gul Hayat Institute

1. پندرهين کان ويهين صديءَ جي شروعات تائين سڄي دنيا تي مغربي سامراجين جو تسلط هو. جنهن ۾ انگريزي شهنشاهيت جي دور جي وڏي ۾ وڏي شهنشاهيت هئي، جنهن تان ڄڻ سج لٿو ئي نٿي. هندستان سميت دنيا جا ڪيترائي ملڪ ان جي تابع هئا. آمريڪا، فرانس، جرمني ۽ روس ٻيون وڏيون طاقتون هيون.
2. 1914ع کان 1919ع تائين يورپ ۾ مهاڀاري لڙائي لڳي.
3. ان لڙائيءَ هلندي روس ۾ سوشلسٽ انقلاب آيو جنهن آمريڪي ۽ يورپي عالمي سرمايه دار سامراج جي عالمي وجود جي بنيادن ۾

9. ڪيترا ملڪ پاڪستان وانگر آزاد ٿيا، پر اهي ست سالن گذرڻ بعد به حياتي ۽ موت جي چڪتاڻ مان ڇوٽڪارو حاصل ڪري نه سگهيا آهن. اهائي قبائليت، اهائي جاگيرداري، اهائي بڪ، اهائي ڦرلٽ، اهائي جهالت، اهائي بدنظمي، اهائي ڏنڊا شاهي ۽ نرم گرم انگريزي راڄ بدران نانگي، اگهاڙي، رهزن فوجي ڊڪٽيٽرشپ..... جيڪا به وک آهي، سا اڳي ڪان پوئتي وڃي ٿي، اڳتي نٿي وڌي.
10. ايشيا، آفريڪا ۽ يورپ جي ڪنڊن ۾ گهڻا مسلمان ملڪ آهن، پر اهي ذري گهٽ سڀ ٻُرن حالن ۾ آهن. انگلينڊ انهن جي ٻُرن حالن جو ناجائز فائدو وٺي ڪيترن مسلمانن کي ڪرائي جو سپاهي ڪري هڪبئي خلاف استعمال ڪندو رهيو.
11. تازو آمريڪا ڪين افغانستان ۾ روس خلاف استعمال ڪري، منجهائنئن ڪم ڪڍي، وري ڪين سڄي دنيا ۾ دهشتگرد طور واجب القتل ٺهرائي، سندن شڪار ڪرائي رهيو آهي ۽ مسلمان دنيا کي موت جي منهن ۾ وجهيو وينو آهي.

## دنيا بدلجي پئي!

1. دنيا مان سوويت يونين ختم ٿي ويو آهي، پر مزدور، هاري ۽ سوشلسٽ جدوجهد ختم ڪانه ٿي آهي.
2. هوڏانهن دنيا ۾ سرمائيداري آهستي آهستي ڪمزور ٿي رهي آهي ۽ چين ۽ ٻيا سوشلسٽ، ايشيائي، آفريقي ۽ لاطيني ملڪ ڏاڪي به ڏاڪي زور وٺندا پيا وڃن.
3. هوائن جو رخ اولهه (آمريڪا ۽ يورپي ملڪن) بدران اوڀر (ايشيا، آفريقا، لاطيني آمريڪا) جي فائدي ڏانهن محسوس ٿي رهيو آهي.

## ٻين لاءِ ڪنيل کڏن ۾ ڪرندڙ سامراجي

مٿيون سڀ ڳالهيون ۽ واقعا رڳو قدرتي طرح يا رڳو اتفاق سان يا پنهنجي ليکي پاڻيهي ڪونه ٿيا آهن. انهن ۾ واسطيدار ڌرين جون ظاهري توڙي ڳجهيون، ڪامياب توڙي ناڪام رٿابنديون، محنتون،

Gul Hayat Institute

ڪوشن، حرفت بازيون ۽ سازشون بہ شامل آهن. مثال طور، انگلينڊ، فرانس، جرمني ۽ آمريڪا، جيڪا روس خلاف زبردست عالمي سازش ڪئي، اها ڪين ئي ڳجهيءَ ۾ پئجي ويئي. دنيا جي جن ماڻهن پنهنجي اها ذميواري ڪري ليکي هوندي تہ هو انسان ذات جي عالمي، تاريخي، سياسي، سماجي ۽ اقتصادي وغيره ارتقا ۽ سفر جي باري ۾ هر ممڪن حد تائين سربستي ۽ ڳوڙهي جاچ ڪري، پوريءَ طرح باخبر رهن ۽ ان جاڻ کي روشني بڻائي، دنيا جي پورهيت ۽ مظلوم قومن ۽ عوام جي ڇوٽڪاري جي ويڙهہ جي سفر کي وڌ ۾ وڌ سٺائو ۽ ڪامياب بڻائين، تن کي مٿين ڳالهين، واقعن سان لاڳاپو رکندڙ هيٺين عالمي تاريخي ڳالهين ۽ واقعن بابت ڪجهہ نہ ڪجهہ خبر ضرور پئجي سگهي هوندي ۽ هو اهو معلوم ڪري سگهيا هوندا تہ انهن سمورن ڇڙوڇڙ ۽ ظاهري اڻ لاڳاپيل ۽ غير واسطيدار ڳالهين ۽ واقعن جا پاڙ ۾ ڪيئي سڌا ۽ اڻ سڌا واسطا هئا ۽ آهن. (انهن عالمي، تاريخي حقيقتن بابت مارڪيٽ ۽ لائبريرين ۾ ڪافي تاريخي مواد موجود آهي. اهو مناسب ڪوشش ڪري هٿ ڪري سگهجي ٿو.)

## روس کي جرمنيءَ هٿان تباهہ ڪرائڻ جي ناڪام سازش

1. پهرين جنگِ عظيم جي خاتمي کان پوءِ ٿورو اڳ جڏهن روس ۾ سوويت انقلاب ڪامياب ٿيو ۽ سرمائيدار ملڪ، خاص ڪري انگلينڊ ۽ فرانس هر ممڪن ڪوشش جي باوجود سوويت سوشلسٽ انقلاب کي نيست ۽ نابود نہ ڪري سگهيا، تڏهن هنن اها رٿ رٿي تہ هاڻ جرمنيءَ کي روس خلاف استعمال ڪجي ۽ ٻيو نہ تہ ٻنهي کي پاڻ ۾ ويڙهائي چٽ ڪجي. ان ڪري انهن پاڻ ۾ ڳجهي رٿ رٿي. جنگ بعد صلح جي عهدنامي ۾ سعيو ڪري، جرمنيءَ خلاف غير معمولي طور اهڙا سخت شرط وڌا، جو جيڪڏهن پوءِ انهن شرطن کي نرم ڪجي ۽ جرمنيءَ کي ٻيون بہ خاص رعايتون ڏجن تہ هو روسي انقلاب کي ختم ڪرڻ لاءِ دل جان سان سندن ٻانهن ٻڌو ٻانهو ٿي ديوتي ڏئي. خاص ڪري تڏهن

Gul Hayat Institute

جڏهن جرمن سرمائيدارن کي به روسي انقلاب کان ڪو گهٽ خطرو ڪونه هو ۽ ڪين ان خلاف ڪا ٿورڙي ڪاوڙ ڪانه هئي.

2. انگيلنڊ، فرانس، جرمني، آمريڪا وغيره سرمائيدار ملڪن جي حڪومتن ۽ ڪارپوريشنس جرمن فوج کي روس تي حملي لاءِ دل جان سان تيار ڪيو ۽ هنن جيڪي گهريو سو ڪين ڏنائون.

3. پر هڪڙي طرف سموريون واسطيدار سياسي حالتون سندن قبضي ۾ نه رهيون. ته ٻئي طرف روس به تيزيءَ سان ڳالهه سمجهي، جوابي سفارتي ۽ فوجي ڪارروائيون ۽ تياريون تيز ڪيون، تان جو هن حملو ڪندڙ جرمن فوج کي شڪست ڏئي خود برلن تي اچي قبضو ڪيو.

4. ٻي جنگِ عظيم ايڏي ڊيگهه، تباهي ۽ بربادي ڪئي، جو نه رڳو روس ۽ جرمني، پر برطانيه ۽ فرانس وغيره به سمورو رت ست وڃائي ويهي رهيا ۽ منجهن پنهنجين شهنشاهيتن کي قبضي ۾ رکڻ جي به پهچ نه رهي. جيڪڏهن ڪنهن ڌر کي ان تباهيءَ مان فائدو ٿيو ته اها فقط ۽ فقط آمريڪا هئي.

## لالا مال خلاص!

5. هندستان جي وائسراءِ لارڊ ويول، برطانوي سرڪار کي جنگِ عظيم جي خاتمي کان پوءِ 1945ع ۾ لکي موڪليو ته، هاڻ هندستان تي تسلط جاري رکڻ ناممڪن آهي. وڌيڪ رهبو ته خواري ٿيندي، ان ڪري ان کي هڪدم خالي ڪجي. في الحال هندو صوبا خالي ڪجن ۽ پوءِ مسلمان صوبن کي ڏسجي.

## ۽ پوءِ ماٺ مٺيءَ ۾ طئي ٿيو ته:

6. پنجاب ۽ يو- پيءَ جي ليڊرشپ (سڪندر حيات خان، لياقت علي خان وغيره وغيره) ۽ انگريزن جا ويجها ڪامورا (سر ظفرالله خان، ايوب خان، اسڪندر مرزا، چوڌري محمد علي وغيره وغيره) سڀ انگريزن جي اشارن تي پئي هليا. سيني ڌرين جي وچ ۾ ماٺ ميٺ ۾ طئي اهو ٿيو ته مسلمان علائقن کي نالي ماتر آزادي ڏيئي،

Gul Hayat Institute

جناح ۽ سندس روشن خياليءَ واري حڪمت عمليءَ مان جند ڇڏائي، ملڪ لياقت علي ۽ پنجاب ۽ يو- پيءَ جي انگريزن جي وفادار سياستبازن ۽ وڏن ڪامورن معرفت آمريڪا ۽ ان جي ننڍي ڀائيوار انگلينڊ جي حوالي ڪري، بلوچستان، سرحد ۽ خاص ڪري سنڌ کي سامراج جي ماتحت، پنجاب، يو- پي، سي- پي ۽ بِهارَ وارن جي جاگير بڻائي، قبائلي سردارن، خانن ۽ پوتارن کي ڪمدار بڻائي، سنڌ جا سمورا وسيلا سنڌين کان اسلام، پاڪستان ۽ آزاديءَ جي نالي ۾ کسي، ملڪ ميدان ڪري موجون ڪجن.

## سنڌ دشمنن جا خواب پورا ٿيا

7. ائين ئي ڪيو ويو. فيبروري 1948ع ۾ لياقت عليءَ محمد علي جناح کان عملي طرح مسلم ليگ کسي ورتي. سنڌ تي زبردستي قبضي جي سِٽَ دهلي توڙي لاهور وارا اڳي ئي ٻاهران ئي ٻاهر سِٽي آيا. ورهاڱي وقت فسادن جي آڙ ۾ لکين ڌاريا سنڌ تي ڪڙڪائي، ان تي عملاً زبردستي قبضو ڪري ورتو ويو ۽ اهڙيءَ طرح علاؤالدين، محمد تغلق، فيروز شاهه ۽ رنجيت سنگهه وارن جو سنڌ تي قبضي ۽ حڪومت وارو خواب پورو ڪيو ويو. ياد رهي ته علامه اقبال 1930ع ۾ الهه آباد ۾ مسلم ليگ جي اجلاس جي صدارت ڪندي جيڪو مطالبو ڪيو هو ته، انگريز هندستان مان وڃن نه وڃن سندن مرضي، پر سنڌ، بلوچستان ۽ سرحد، پنجاب ۾ ضم ڪيا وڃن. (Should be merged with Punjab) اهو به هيڏي ساري مخالفت هوندي نيٺ پورو ٿيو. ملڪ جي آزاديءَ جي آڙ ۾ سنڌ تي باقاعدي گهڻ طرفو حملو ڪري، وڏين ويڙهن کان پوءِ ان کي مفتوح علائقو بڻايو ويو. سنڌ کان سندس تازو حاصل ڪيل صوبائي خودمختياري هڪدم کسي ويئي. يو- پي، سي- پي ۽ لاهور جا ڪڙپيل آفيسر سنڌ کي وڻ ويڙهيءَ وانگر ويڙهي ويا. ڪراچي سنڌين کان کسي ورتي ويئي، سنڌي هندن جي گهرن ۾ گهڙي، کين ماري ڪٽي ڊوڙائي ڪڍي ڇڏيو ويو. زوري

Gul Hayat Institute

لڏايل سنڌي هندن جي ملڪيتن جا وارث يو- پي، سي- پي وارا فسادي ٺهرايا ويا. محمد علي جناح کي ڪسمپرسيءَ جي حالت ۾ قبر پيڙو ڪيو ويو. ان ماحول ۾ لياقت علي خان وزيراعظم جي حيثيت ۾ آرام سان سنڌ خلاف سنڌ جي تاريخ جو اهو وڏي ۾ وڏو موتمار رهزنيءَ وارو ظلم ڪري ورتو، جو ڏينهن ڏٺي جو سمورن ملڪي، اسلامي ۽ بين الاقوامي قانونن کي ٺڪرائي، هن سنڌ جي جياپي جا سهارا سنڌو ندي ۽ ان جي سٺ جون نديون ماٺ ميٺ ۾ منڍ واري سخت مخالف قبضي خور مجرم پنجاب سرڪار جي حوالي ڪري ڇڏيا.

پوءِ سنڌ جي اجازت بنا، ان جي مفادن جي سراسر خلاف هڪٻئي پٺيان تيزيءَ سان هيٺيان ۽ ٻيا لاڳاپيل غير قانوني، غير آئيني ۽ غير انساني قدم کنيا ويا:

1. هندستان ۽ پاڪستان جي وچ ۾، گڏپ وارن درياهن جي پاڻيءَ جي ورهاست لاءِ بنايل ڪميٽيءَ ۾، تاريخي بي قاعدگي ۽ لاقانونيت ڪري، سنڌ جو ڪوبہ نمائندو شامل ڪونہ ڪيو ويو. فقط مغربي پنجاب جا ٽي نمائندا: (1) مغربي پنجاب جو سردار شوڪت حيات خان، (2) چيف انجنيئر ۽ سيڪريٽري ايريگيشن عبدالحميد، ۽ (3) چيف سيڪريٽري حافظ عبدالمجيد مقرر ڪيا ويا، جن جلد وچي هندستاني پنجاب جي نمائندن سان گڏجي سنڌ خلاف هڪڙي تمام ڏکهي عرصي واري، گهڻ پاسائين بين الاقوامي سطح جي تمام وڏي گوناگون ٺڳيءَ جي سازش ۽ سٽا تيار ڪئي، جنهن تي عمل ڪندي سنڌ جو جهڳو اهڙو جهڻ ڪري ڇڏيو ويو آهي، جو اها اڄ ٽيهٺ سال گذرڻ بعد بہ پنهنجا پير جهلي نہ سگهي آهي، بلڪ ڏينهون ڏينهن وچي قومي تباهيءَ ۽ بربادي جي موتمار کاهيءَ ڏانهن ڏڪبي. ڪا خبر ناهي تہ اها ڪنهن وقت وري بہ پنهنجا پير جهلي ويندي يا مورڳو مڪمل طرح اڄ، بک ۽ ڏکار جو شڪار ٿي، دنيا جي تختي تان ايئن ختم ٿي ويندي، جو ڄڻ تہ اها دنيا ۾ پيدا ٿي ئي ڪانہ هئي.

Gul Hayat Institute

## اسٽي آرڊر متان وٺو!

2. سڀ درياهہ هندستان ۽ ڪشمير جي علائقن مان نڪري، پنجاب مان ٿيندا، سنڌ پهچن ٿا، ان لاءِ ضروري هو تہ جيستائين هندستان ۽ پاڪستان ۾ پاڻيءَ جي ورهاست بابت مڪمل تسلي بخش فيصلو ٿي وڃي، تيستائين هندستان ان پوزيشن ۾ نہ هجي، جو پاڪستان تي ناجائز دٻاءُ وجهڻ لاءِ ڪنهن درياهہ جي هيڊ ورڪ وٽ پاڪستان ايندڙ پاڻي روڪي ڇڏي، ان ڪري بندوبست ڪيل هو تہ هندستان پاڪستان طرفان صلاح سان مقرر ڪيل واسطيدار اختياريءَ يعني آربٽرل ڪميٽيءَ ڪان پاڪستان طرفان اڳواٽ درخواست ڏيئي اسٽي آرڊر وٺي ڇڏجي تہ جيستائين آخر ٺاهہ نہ ٿي وڃي، تيستائين هندستان پاڪستان جو پاڻي بند نہ ڪري، ان ٽربيونل جو صدر هندستان جو چيف جسٽس سر پيٽرڪ اسپينس Sir Patrik Spence هو.

## عالمي تاريخي جلندر مها سازش

ان موقعي تي جلنڌر واريءَ گڏجاڻيءَ ۾ ٻنهي پنجابن جي حڪومتن طرفان پنهنجي مظلوم حريف ۽ مخالف سنڌ خلاف تمام ڏکهي، تمام گهٽڻ ڏاڪن واري، تمام اونهي ۽ تمام سفاڪيءَ ۽ بي رحميءَ واري گوناگون سازش اها سٽي ويئي تہ:

3. اعلان ڪجي تہ ٻنهي ڌرين ۾ ٺاهہ ٿي ويو آهي، سڀ پائر آهيون، پنهنجا پاڻ ۾ آهيون، ڪنهن پاڻيءَ جي بندش يا ٻي گڙٻڙ جو ڪوبہ ۽ ڪنهن بہ قسم جو خطرو ڪونهي، ان ڪري پاڪستان آربٽرل ٽربيونل ڪان ڪوبہ اسٽي آرڊر نہ وٺي، جيڪا درخواست پيل آهي، سا پاڪستان جو اٽارني جنرل واپس وٺي ڇڏي، جيڪڏهن ڪو ٻيو يا خود ٽربيونل جو سربراهہ چوي تہ ”هن ٽربيونل جي مدت تمام ٿورڙي آهي، ٿورن ڏينهن اندر ختم ٿي ويندي، پوءِ اسٽي آرڊر ملي نہ سگهندو ۽ جيڪڏهن رڪاوٽ پئي تہ ان جو ڪوبہ علاج ڪونہ ٿي سگهندو، تنهن ڪري بهتر آهي

Gul Hayat Institute

تہ پاڪستان اسٽي آرڊر وٺي ڇڏي تہ آخري ٺاهہ تائين هندستان پاڪستان ويندڙ پاڻي نہ روڪي تہ سيني لاءِ سٺو ٿيندو.“ تہ اها آچ بہ هرگز نہ قبولي وڃي ۽ اسٽي آرڊر لاءِ ڪيل درخواست پاڪستان واپس وٺي ڇڏي.

4. پوءِ جيئن ئي پهرين مارچ 1948ع تي ٽربيونل جو مدو پورو ٿيو، تيئن هندستان پاڪستان ڏانهن ويندڙ پاڻي هڪدم بند ڪري ڇڏي.

## اسين ڀالا ڀولا مسلمان ماڻهو

5. پوءِ پاڪستان وٺي ماتم شروع ڪري تہ اسين ڀالا ڀولا ويساهہ وسوڙيل مسلمان ماڻهو اسان سان هندستان انجام ڪيو هو تہ پاڻي بند ڪونہ ڪنداسون. توهان اعتبار ڪريو. اسان سنڌن واعدي تي اعتبار ڪري اسٽي آرڊر ڪونہ ورتو تہ اسان سان هندستان ظلم ڪري ڇڏيو. دغا ڪري ڇڏي، دوکو ڪري ڇڏيو. پاڻي هڪدم نہ کليو تہ اسين تباهہ ۽ برباد ٿي ويندا سون ۽ انهيءَ کان مري وڃون تہ بهتر.

6. هندستان مڳيءَ ۽ معتبريءَ جو پوز هٽي، چپ ڪري ويهي رهي ۽ پاڪستان هاءِ گهوڙا سان آسمان مٿي تي کڻندو رهي.

7. پوءِ ”بي وس ۽ محتاج“ پاڪستاني وفد ”مجبور ٿي“ ”لاچار“ وڃي مغرور ۽ متڪبر فرعون صفت هندستان جيڪي چوي سو مڃي، پاڻي ڪجهہ وقت لاءِ چالو ڪرائي اچي ۽ هندستان جي چوڻ تي ٽي درياهہ لکي هندستان کي ڏيئي اچي تہ انهن درياهن جو پاڻي هندستان جي ملڪيت آهي، اسان جو ناهي. اسين جيترا پئسا (Signor money) هندستان چئي ٿو اهي ڏيئي اهو پاڻي في الحال زرخريد وٺون.

8. پوءِ ٻنهي ملڪن ۾ هلن ڳالهيون، جنهن ۾ هندستاني پنجاب کي ٽي درياهہ ملن ۽ ٻيا ٽي ملن مغربي پنجاب کي ۽ سنڌ جي پٽيءَ جو نالو نشان مٽائي ڇڏجي. ان جي پٽيءَ جو پاڻي پنجابي برادر سرڪاريون پاڙ ۾ ورهائي موجون ماڻين.

Gul Hayat Institute

## ان سازش تي هوبهو عمل ٿيو!

9. پاڪستان جي مرڪزي سرڪار بهادر ۽ پاڪستاني پنجاب يڪ مشت ٿي ان تي عمل ڪيو. درياهن جي پاڻيءَ جي مالڪي ۽ ۽ ورهاست جي سلسلي ۾ سنڌ جو نالو نشان به نه رهيو. ڇڻ پاڪستان ٺاهيو ئي ان لاءِ ويو هو ته هندستاني ۽ پنجابي مسلمان پائر، جيڪي اڳ ان تي قابض ٿي، سنڌس وسيلا ڦٻائي نه ٿي سگهيا. سي آزاديءَ ۽ اسلام جا نعرا هڻي، سنڌي قوم کي غلام بڻائي، سنڌس پاڻي، زمينون، سنڌس سمنڊ، شهر، ٻنيون، ڏنڊا، واپار، تعليم ڪسي سنڌس مالڪ بڻجي ويهي رهن.

## پاڪستان جي اٽارني جنرل اسٽي آرڊر وٺڻ کان انڪار ڪيو!

جڏهن هندستان ۽ پاڪستان جا اٽارني جنرل مٿين سازش مطابق يڪراءِ ٿي، آربٽرل ٽربيونل جي سربراهه وٽ ويا ته اسان جو پاڻ ۾ ٺاهه ٿي ويو آهي، اسان کي اسٽي آرڊر ڪونه کپي. تڏهن هن مٿن زور پريو ته ايئن نه ڪريو. پاڻيءَ جي وهڪري جاري رکڻ لاءِ ڪو آرڊر ڪرايو پر هنن نه مڃيو. (سر اسپينس جي لنڊن ۾ ايسٽ انڊيا ايسوسيئيشن اڳيان 23 فيبروري 1955ع تي ڪيل تقرير، حوالو چوڌري محمد علي جو ڪتاب The Emergence of Pakistan، ص 38)

8 اپريل 1948ع تي جيئن ئي آربٽرل ٽربيونل جو مدو پورو ٿيو، تيئن ئي هندستان پاڪستان جي (مٿين سٽيل سازش مطابق)..... باري دوآب ڪئنال سسٽم، ديپالپور ڪئنال سسٽم ۽ بهاولپور اسٽيٽ ڊسٽريبيوٽري جو پاڻي بند ڪري ڇڏيو ۽ پاڪستاني پنجاب سرڪار وارن پنهنجون "ڪوڙ جون اوڇنگارون ڏيڻ ۽ سينو ڪٽي ماتم ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيو.

"اوپر پنجاب وارا چوڻ لڳا ته پاڪستان جو پاڻي ڪونهي، پئسا ڏي ته پاڻي کوليون...... پيئڻ جو پاڻي ڪونهي، لکين ماڻهن جا فصل تباهه ٿي ويا، ڍور ڍڳا بکن ۾ مري ويا آهن، پاڻيءَ جو ڏڪار پئجي ويو آهي.....

مئي 1948ع جي شروعات ۾ غلام محمد وزيرِ خزانه جي قيادت ۾ وفد دهلي ويو. ٻيا ميمبر هئا: مغربي پنجاب جا وزير سردار شوڪت علي خان ۽ ممتاز دولتانه...... غلام محمد. لارڊ مائونٽ بيٽن کي منٿون ڪيون ۽ پوءِ....... غلام محمد جي اڳيان هڪڙو بيان رکيو ويو جنهن تي مجبوراً ڪيس ۽ ٻن وزيرن کي 4 مئي 1948ع تي صحيح ڪرڻي پئي. ٻئي طرف نهروءَ وارن صحيح ڪئي....." (حوالو چوڌري محمد علي جو ساڳيو ڪتاب، ص: 38_32) (2_ فيروز خان نون From memory ص: 263 وغيره)

## سنڌي انجنيئر دٻاءَ ۾ نه آيا

ان ڪان پوءِ سٽيل سازش موجب عالمي بئنڪ جي اڳواڻي هيٺ هند- پاڪ ڳالهيون ڪرايون ويون. ان ۾ ڪن سنڌي انجنيئرن (صالح محمد قريشي ۽ ٻيا) کي به شريڪ ڪرڻو پئجي ويو. مٿن پنجاب جي انجنيئرن طرفان هر طرح جو دٻاءُ وڌو ويو. پر هو نه مڙيا ۽ سنڌ جي ڪنهن به حق تان دستبردار ٿيڻ لاءِ تيار نه ٿيا. ان ڪري ٻين مقصدن سان گڏ پاڻيءَ جي حوالي سان به پنهنجي پر ۾، سنڌ جو قانوني وجود ختم ڪرڻ لاءِ، 1954ع ۾ سرڪاري دهشتگرديءَ ذريعي ون يونٽ مڙهيو ويو ۽ ان جي آڙ ۾ درياهن جي پاڻيءَ بابت بين الاقوامي ڳالهين ۾ سنڌ کي لادعويٰ بڻائي، نويڪلائيءَ ۾ سندس پرپٺ، پاڻيءَ تي وڏيڪ ڊاڙن جو بندوبست ڪيو ويو.

Gul Hayat Institute

# سنڌ جي پائيواريءَ وارن درياهن جي پاڻيءَ مٿان لڳندڙ ڏاڙا

**پاڪستان کان اڳ** (1859ع **کان** 1947ع **تائين)**

## درياهن جي پاڻيءَ جا پائيوار

دنيا جون اڪثر تهذيبون درياهن جي پيداوار آهن. سنڌي قوم جي جياپي ۽ ان جي تهذيب جي وجود جو دارومدار تاريخي طور سنڌو درياهہ ۽ ان جي سٽ جي پنجن ڀرتي ڪندڙ ندين جهلم، چناب، راوي، بياس ۽ ستلج جي پاڻيءَ تي پئي رهيو آهي. سنڌوءَ جون مٿيون ڀرتي ڪندڙ پنج نديون پنجاب مان لنگهي پنجند وٽ اچي سنڌوءَ سان ملي وينديون رهيون آهن ۽ پوءِ سيني جو گڏيل پاڻي اچي سنڌ ۾ داخل ٿي، سنڌ کي سيراب ڪري، ڪيٽي بندر وٽ وڃي سمنڊ ۾ داخل ٿيندو رهيو آهي.

اهڙيءَ ريت پنجاب ۽ سنڌ، ٻئي سنڌوءَ ۽ ان جي سٽ جي مٿين پنجن ندين جي پاڻيءَ ۾ تاريخي طور پائيوار آهن. پنجاب مُنڍ وارو پائيوار آهي ۽ سنڌ پوڇڙ وارو پائيوار. دنيا ۾ جيئن ٻين شين، زمينن، ملڪيتن، ڏنڌن ۽ ڪاروبارن جي پائيواريءَ جا قومي، ملڪي ۽ بين الاقوامي قاعدا ۽ قانون آهن، تيئن درياهن جي پاڻيءَ جي پائيوارن جا بہ قاعدا ۽ قانون آهن.

Gul Hayat Institute

## منڍ ۽ پوڇڙ وارا پائيوار

ان قانون موجب جيڪڏهن ڪنهن درياهہ جي پاڻيءَ ۾ هڪ کان وڌيڪ علائقا، صوبا يا ملڪ حصيدار هجن تہ جن علائقن، صوبن يا ملڪن مان اهو درياهہ وهي ٿو اهو جنهن علائقي، صوبي يا ملڪ مان

پھرين لنگھي، ان ڪي منڍ وارو حصيدار (Upper riparian) سڏبو آھي. سنڌ جھڙي پوڇڙ واري پائيوار علائقي، صوبي يا ملڪ ڪي ھيٺيون پائيوار (Lower riparian) سڏبو آھي.

## درياھن جي پاڻيءَ جو قانون ڇا ٿو چوي؟

ھندستاني، پاڪستاني، اسلامي توڙي بين الاقوامي قانون موجب، (پنجاب جھڙن) منڍ وارن پائيوارن ڪي ڪوبہ حق ناھي تہ ھو (سنڌ جھڙن) پوڇڙ وارن پائيوارن جي اجازت بنا ۽ سندن مرضيءَ خلاف پائيواريءَ وارن درياھن مان پائيوار دستور موجب جيترو پاڻي ڪڍندا ھجن، تنھن ڪان وڌيڪ پنھنجي مرضيءَ موجب جڏھن وڻين، تڏھن ۽ جيترو وڻين اوترو پاڻي ڪڍي پنھنجي ڪتب آڻين. جيڪڏھن ڪا مُنڍ واري ڌر ايئن ڪندي تہ پوءِ اھا اسلامي توڙي بين الاقوامي قانون موجب ڏوھاري ۽ سزا جي لائق ٿيندي. جيڪڏھن ڪابہ ملڪي عدالت، سرڪاري حاڪم يا ٻيو اختياريءَ وارو (مثال طور: صدر، وزيراعظم، وزيراعليٰ، واپڊا، ارسا) پوڇڙ واري ڌر جي پرپٺ يا ان جي حق ۽ مرضيءَ خلاف اھڙو ڪو بي قاعدي فيصلو ڪندا تہ اھو فيصلو بہ ملڪي، اسلامي ۽ بين الاقوامي قانون موجب سراسر غلط، رد ۽ باطل ٿيندو ۽ ان جو ڪوبہ قانوني وجود يا اثر نہ ھوندو. Illegal, in violation of natural justice, without any legal effect and voidabinitio ليکيو ويندو. اھڙي ناجائز ۽ بي بنياد فيصلي جي زور تي ڪيل سمورا ٻيا فيصلا رد، باطل، بي اثر ۽ بي وجود ھوندا.

Gul Hayat Institute

مٿين قانوني نقطن لاءِ ھيٺين ڪتابن ۾ قانونن ۽ فيصلن سميت ڪافي رڪارڊ موجود آھي.

## درياھن جي منڍ ۽ پوڇڙ وارن پائيوارن جي حقن بابت قانون، ڪيس ۽ فيصلا:

1. پروفيسر ايڇ. اي سمٿ جو ڪتاب "Economic uses of International Rivers" (بين الاقوامي درياھن جو اقتصادي استعمال)
2. گورنمينٽ آف انڊيا ايڪٽ 1935ع، قلم 130 ۽ (6)131

3. ڪلڪتي هاءِ ڪورٽ جي جسٽس سر بي. ڊبليو رائو جي سنڌ ـ پنجاب پاڻي تڪرار بابت رپورٽ "The Report of Indus Commission" پئرا 49، صفحو 33.
4. پاڪستان جي اڳوڻي وزيراعظم چوڌري محمد عليءَ جي ڪتاب "The Emergence of Pakistan" (پاڪستان جو وجود ۾ اچڻ) صفحو 118 ـ 117

واسطيدار حقدارن (جهڙوڪ سنڌ جهڙن پوڇڙ وارن پائيوارن) خلاف سندن پرپٺ ڪيل ڪنهن به وڏي ۾ وڏي عدالت، سرڪاري حاڪم يا ڪنهن به اختياريءَ واري جا ڪيل فيصلا رد ۽ باطل آهن.

1. چيف ڪمشنر ڪراچي ۽ ٻيو PLD 1959 S.C 45
2. 1994 S.C.M.R 2232 (2238)
3. مريم توصيف PLD 1990 S.C 666
4. ڊاڪٽر نصرت الله چوڌري PLD 1994 (358) Lah 353
5. مسمات قيصر الاهي PLD 1995 Pesh 22

## سازش جون ثابتيون سڏيون به تي سگهن ٿيون ۽ اڻ سڌيون به

1. فوڪوميا 1969 P.Cr.L.J 1193 1193 (سپريم ڪورٽ جي فل بئنچ جو فيصلو)
2. 2000 S.C.M.R 1969 (2046)
3. اميرالدين PLD 1967 Lah 1190
4. سيد قائم علي شاهه (250 ـ 249) 1992 P.Cr.J 242 سنڌ هاءِ ڪورٽ
5. مختيار احمد 2000 M.L.D (Lah) 77 (81 ـ 80)
6. اسٽيٽ بمقابل منظور احمد PLD 1966 S.C 664 (سپريم ڪورٽ جي ٽن اڳوڻن چيف جسٽسن تي ٻڌل بئنچ جو فيصلو)
7. افضل حسين 1991 P.Cr.L.J (Lahore) 13 وغيره وغيره.

بدقسمتيءَ سان اسان جي پاڙيسري صوبي پنجاب جا اختياريءَ وارا، سنڌو ندي ۽ ان جي ڀرتي ڪنڌڙ درياهه جي پاڻيءَ ۾ اسان جو جيڪو حصو ٿئي ٿو، سو تمام گهڻي عرصي کان اسان کي نه پيا ڏين ۽ شاهه شاهوڪاريءَ ڦٻائيندا رهن ٿا.

Gul Hayat Institute

افسوس سان چوڻو ٿو پوي تہ ان سلسلي ۾ ملڪي ۽ بين الاقوامي قانون جي پيچيدگيءَ جا سمورا رڪارڊ ٽوڙي ڇڏيا ويا آهن. ڪاٻہ اٽڪل، حرفت، ٺڳي ۽ سازش ۽ ڪاٻہ زبردستي، داداگيري ۽ دهشتگرديءَ جي ڪارروائي اهڙي ناهي، جيڪا سنڌ جي ٻين حقن سان گڏ پاڻيءَ جي حقن کي هڙپ ڪرڻ لاءِ استعمال نہ ڪئي ويئي هجي.

## اصل شڪايت ڪنهن ڪان؟

اسان کي اصل ۽ بنيادي شڪايت پنجاب جي عوام کان نہ، پر پنجاب جي حاڪم طبقي کان آهي. اسين سڄي دنيا جي مظلوم انسانن، قومن ۽ طبقن جي ڀلائي، دوستيءَ ۽ گڏيل جدوجهد ۾ ايمان رکون ٿا. اسان جي قوم مظلوم آهي، پر اسين پنهنجي پنجابي مظلوم عوام توڙي دنيا جي ڪنهن بہ مظلوم عوام جي حقن، وسيلن ۽ جائز مفادن کي ڪنهن بہ قسم جو ڪوبہ ڇيهو رسائڻ جو تصور بہ نٿا ڪري سگهون. جيتري قدر سنڌي ۽ پنجابي عوام جو تعلق آهي تہ اسين "ڀائر ٿيون ليکو" جي اصول ۽ جذبي سان پنهنجو نقطہ نظر پيش ڪريون ٿا، بلڪ کين دانهن ڏيڻ چاهيون ٿا تہ داتا گنج بخش، بابا فريد، بابا نانڪ، شاهہ حسين، وارث شاهہ، علامہ اقبال، فيض احمد فيض ۽ پنجاب جي سرزمين جي ٻين حقيقي ترقي پسند ۽ انسان دوست هستين جي ملڪ جي حڪمران طبقن سنڌي عوام جي پاڻيءَ تي ڏيڍ سئو سالن کان مسلسل ڌاڙا هڻي، ان کي ويران ڪري ڇڏيو آهي، پر اڃان بہ بس نٿا ڪن ۽ روز سنڌ کي سُڪائڻ لاءِ هر ٻئي ٽئين مهيني ڪي نہ ڪي ڌاڙيل ۽ رهزن پروجيڪٽ ٺاهي، اسان کي جيئري ماري ڇڏڻ پويان پيل آهن. نتيجي طور اسين مرڻ ڪنڌيءَ تي پهچي ويا آهيون.

جُہ سي لوڙائو ٿيا، جنين ير رهن،
مارو منجهہ ٿرن، رهي رهندا ڪيترو؟

(شاهہ)

Gul Hayat Institute

## اسان جا پيارا پاڙيسري

هونئن تہ اسان جي پيارن پاڙيسري حاڪم طبقن جون پنهنجي آسپاس جي ايرن پائرن تي مهربانيون اٽڪل 200 سال اڳ کان جاري آهن، جڏهن رنجيت سنگهہ جي حڪومت واري پنجاب ۽ انگريز سرڪار جي حڪمرانن جي وچ ۾ 1807ع ۾ امرتسر واري اتحاد جو عهدنامو ٿيو هو ۽ ٻنهي حڪومتن گڏجي سنڌ، بلوچستان، سرحد ۽ افغانستان کي غلام بنائڻ جي گڏيل آپريشن شروع ڪري ڇڏي، پر هي درياهن جي پاڻيءَ تي ڌاڙا هندستان جي 1857ع واري جنگِ آزادي خلاف پنجاب جي حڪمران طبقن جيڪا انگريز سامراجين جي فيصلاڪن مدد ڪئي هئي، تنهن کان پوءِ هڪدم شروع ٿي ويا آهن.

روزاني "ڊان" جي 2 نومبر 2003ع واري اشاعت جي صفحي 10 تي عمران عليءَ جي مضمون "پنجاب سامراج جي هٿ هيٺ 1885_1947" تي تبصرو ڪندي ڪرامت علي ڪي غوريءَ لکيو آهي:

"(انگريز) سامراجين ۽ شهنشاهيت اڏيندڙن پنجاب کي استعمال ڪرڻ واسطي بلڪل الڳ اسڪيم تيار ڪئي. پنجاب بنگال وانگر زرخيز ۽ پاڻيءَ جي وسيلن سان مالامال ڪونہ هو. بنگال ۾ مسلمان زميندارن جون وڏيون زمينداريون ٽڪرا ٽڪرا ڪري ننڍن ڪاتيدارن کي ورهائي ڏنيون ويون. پنجاب ۾ هنن هڪڙي نئين حڪمت عمليءَ هيٺ، هڪڙو هٿرادو جاگيردار مسلمان طبقو ٺاهيو ۽ انهن کي انعام طور وڏا واهہ کوٽرائي، ٻارهوئي آباد ٿيڻ جوڳا وڏا زمين جا علائقا ورهائي ڏنا. هندستاني سپاهين جي سامراج خلاف بغاوت جا زخم اڃا تازا هئا. سامراجين ان بغاوت کي انهن نون مسلمان زميندارن جي مدد سان چيپاٽيو هو. تنهن ڪري هنن ڪين واهن تي آباد ٿيندڙ زمينون انعام طور ڏئي، ڪين پنهنجو جڙ زرخريد بڻائي ڇڏيو."

مٿي ذڪر ڪيل هندستاني، پاڪستاني، اسلامي ۽ بين الاقوامي قانون موجب جيئن تہ پنجاب سنڌو سٽ وارين ندين جي پاڻين جو مٿيون حصيدار (Upper riparian) هو ۽ آهي، تنهن ڪري ڪيس ڪوبہ حق نہ هو ۽ نہ آهي تہ سامراج جي مهربانيءَ واري ان صورتحال جو ناجائز فائدو وٺي

انهيءَ سنڌ- پنجاب جي گڏپ وارن درياهن جي پاڻيءَ مان سنڌ جي اجازت بنا مٿان ٿي واهه کوٽائي، سنڌ جي پتيءَ جو پاڻي ڪٽي ڦٻائي ويچي.

## ۽ پوءِ سلسلو شروع ٿي ويو!

اهو سلسلو 1859ع ۾، 1857ع واري جنگ کان فقط ٻه سال پوءِ شروع ڪيو ويو. ان سال پنجاب سرڪار سنڌ- پنجاب گڏپ واري راوي درياهه مان سينٽرل باري دوآب ڪئنال کوٽائي ڪڍي، اهو سمورو پائيواريءَ وارو پاڻي اڪيلي سر ڪٽي ويا ۽ اڄ ڏيڍ صدي گذرڻ بعد به ڪٽن پيا. اهو سلسلو مختلف صورتن ۾ بهانن هيٺ اڄ تائين هلندو پيو اچي. مثال طور: 1885ع کان 1901ع جي وچ وارن سالن ۾ سنڌ نائي، لوئر چناب ۽ لوئر جهلم ڪئنال، 1908ع ۾ پهاڙپور ڪئنال، 1914ع ۾ اپر سوات ڪئنال، 1915ع ۾ ٽرپل ڪئنال پروجيڪٽ جي نالي ۾ جهلم ڪئنال، اپر دوآب ڪئنال، لوئر باري دوآب ڪئنال کوٽائي پائيواريءَ جو پاڻي اڪيلي سر ڪٽي ويا ۽ اڄ ڏينهن تائين پيا ڪٽن. تان جو 1919ع ۾ ستلج نديءَ تي يڪن 11 ڪئنالن ۽ 4 هيڊ ورڪس ٺاهڻ جو پروجيڪٽ شروع ڪرڻ جو اعلان ڪيائون.

## آقائن تان سر صدقو ڪندڙ سرويچ

انگريز حاڪم جيتوڻيڪ آقائن تان سر صدقو ڪندڙ پنجابي سرويچن مان بيحد راضي هئا، جن پنهنجي پرائي جو سنڌو وساري، هندستان، بيت المقدس ۽ عربستان سميت دنيا جي سمورن ڪنڊن ۾ انگريز شهنشاهيت کي سلامت رکڻ ۽ وڌائڻ لاءِ سر جون سٽون پٽي ڏنيون، پر پوءِ به هنن ڪانئن پوءِ ايندڙ پاڪستاني حڪمران طبقن وانگر اکيون صفا پوري کونه ڇڏيون ۽ "ساڌن سان سنمک، پٽنچن سان پورا" واري چوڻيءَ موجب ڪنهن ڪنهن مهل وچ وچ ۾ ڦرلٽ جي شڪار، سنڌ وارن جي دل تي به هٿ رکي ٿي ڇڏيائون. مثال طور: 1901ع ۾ هند سرڪار انڊيا ايريگيشن ڪميشن ٺاهي، جنهن پنجاب کي هدايت ڪئي ته سنڌوءَ ۽ ان کي پرتي ڪندڙ ندين جي ڪنهن به نديءَ مان پاڻي ڪڍڻ لاءِ پهرين سنڌ کان اجازت ورتي ويندي.

Gul Hayat Institute

1919ع ۾ پنجاب سرڪار وري پنهنجي ڪارروائي شروع ڪئي ۽ هڪ ڏک سان 1 واهه ۽ 4 هيڊ ورڪس ناهڻ لاءِ ستلج واديءَ جي پروجيڪٽ تي ڪم ڪرڻ شروع ڪيو جنهن تي هند سرڪار بمبئي جي انجنيئر مسٽر ڪاٽن جي اڳواڻيءَ هيٺ هڪڙي جاچ ڪميٽي مقرر ڪئي. ان وچ ۾ پنجاب سرڪار وري ٿل پروجيڪٽ پيش ڪيو. سنڌن چوڻ هو تہ ڪين سکر بئراج جي رٿا تي اعتراض هو. ان دور جي هندستان جي وائيسراءِ لارڊ چيلمسفورڊ ٿل جي رٿا رد ڪري ڇڏي.

## فقط هڪڙو ڏک پاڻيءَ جو ڪپي!

نومبر 1924ع ۾ پنجاب سرڪار رٿ پيش ڪئي تہ ٿل پروجيڪٽ مان فقط 750 ڪيوسڪ پاڻي ڪڻڻ جي موڪل ڏيو. اسين فقط تجربو ڪرڻ چاهيون ٿا! اڃان اِهو معاملو اڌ ۾ ئي هو تہ پنجاب سرڪار وري چيو تہ نہ اسين ٿل پروجيڪٽ جي وڏي رٿا ناهڻ چاهيون ٿا. نيٺ 1935ع ۾ هند سرڪار يو- پيءَ جي چيف انجنيئر مسٽر اينڊرسن جي اڳواڻيءَ هيٺ ان تڪرار کي نبيرڻ لاءِ هڪڙي انن ڄڻن جي ڪميٽي مقرر ڪئي، جنهن کي اينڊرسن ڪميٽي چئجي ٿو.

ڪين چٽي ۽ واضح هدايت ڪئي ويئي تہ پنجاب کي سنڌو نديءَ ۽ ان جي ڀرتي ڪندڙ ندين مان وڌيڪ پاڻي ڪڻڻ جي اجازت ڏيڻ جي اهڙي ڪابہ سفارش نہ ڪئي وڃي، جنهن مان ٻئي پائيوار (سنڌ) کي نقصان رسي يا سندس نہ رڳو موجوده پاڻيءَ جي سپلاءِ کي نقصان رسي، پر سندس آئيندي جي پاڻيءَ جي حصن کي بہ ڪو نقصان رسڻ جو انديشو هجي.

Gul Hayat Institute

## سنڌ کي ڇيهو مٿان رسايو!

اينڊرسن ڪميٽيءَ کي جيڪي هدايتون مليل هيون (Terms of Reference TOR) تن ۾ چيل هو تہ ڇا اهڙو امڪان آهي تہ پاڻيءَ جي اهڙي سپلاءِ هٿ اچي، جنهن مان سنڌو درياهہ ۽ ان جي ڀرتي ڪندڙ ندين جي پاڻيءَ تي جن ڌرين جو حق آهي، تن جي حقن کي ڪو ڇيهو نہ پهچي، بلڪ خود انهن جي آئيندي جي پاڻيءَ جي سپلاءِ تي بہ ڪو نقصانڪار اثر نہ پوي؟

## وارداتن جا مختلف طريقا

اسين سنڌي ماڻهو اڪثر پنهنجيءَ ۾ چور رهيا آهيون، جيئن هاڻي چؤطرف ڪان واڳن جي وات ۾ آهيون. اسان جي پاڙيسري علائقي پنجاب جا حڪمران پهلوان اڪثر ٻين تي حملا ڪرڻ جي ڪِرت ۾ مشغول رهيا آهن. انهن جي واردات جو طريقو اهو پئي رهيو آهي ته پنهنجن حملن جي شڪار ڌرين ڪي ساهه پٽڻ جو موقعو ئي نه ڏجي. هڪڙو حملو اڃا جاري هجي ته مٿان ٻيو شروع ٿي وڃي، جيئن سنڌن وايون سدائين ٻتال هجن.

سو اڃان اينڊرسن ڪميٽيءَ واري معاملي مان ڪو خاص ڪڻ تيل نڪتوئي نه هو ته هڪدم اعلان ڪري ڇڏيائون ته اسين ڀاڪڙا ڊيم ٺا ٺاهيون!

چوندا آهن ته "مُلي جي ڊوڙ مسيت تائين!" سنڌ 7 جون 1941ع تي هندستان جي گورنر جنرل وٽ فرياد داخل ڪيو جنهن 11 سيپٽمبر 1941ع تي ڪلڪتي هاءِ ڪورٽ جي جج مسٽر بي. ايم رائو جي اڳواڻيءَ هيٺ هڪڙي تحقيقاتي ڪميشن مقرر ڪئي. گورنمينٽ آف انڊيا جي هدايتن هيٺ سنڌ ۽ پنجاب جي چيف انجنيئرن جي وچ ۾ معاملي جي نبيري لاءِ ڳالهيون شروع ڪيون ويون. انهن ڳالهين جو سربراهه بمبئي پريزيڊنسيءَ جو ايريگيشن ۽ پوني جي هائيڊرو ڊنلاڪ ريسرچ اداري جو ڊائريڪٽر سر ڪلاڊ اينگلس هو.

## ڪامياب ڳالهيون!

نيٺ ڳالهيون ڪامياب ٿيون ۽ 28 سيپٽمبر 1945ع تي سنڌ-پنجاب ڊرافٽ ايگريمينٽ تي اتفاقِ راءِ ٿي ويو ۽ ٻنهي صوبن جي چيف انجنيئرن ان تي صحيحون ڪيون. ان ٺاهه مطابق پنجاب ڪي غازي پور وٽ، جتي سنڌوءَ سميت سيني درياهن جو پاڻي اچي گڏ ٿي ٿيو، اتان هڪ حصي جيترو پاڻي ڪٽڻو هو ۽ سنڌ کي ٽن حصن جيترو. ٺاهه جي فقري نمبر 8 ۾ اهو طئي ٿيل هو ته آئنده سنڌ سرڪار جي اجازت کان سواءِ پنجاب سنڌو يا ڪنهن ٻي سندس پرتي ڪندڙ نديءَ تي ڪوبه ڊيم ٺاهي نه سگهندو. ان ٺاهه ۾ پورن تفصيلن سان ڄاڻايل

Gul Hayat Institute

هو تہ درياهن جي سموري پاڻيءَ مان هر ڏر جي واهن کي ڪيترو پاڻي ملندو ۽ ڪوٽ کي ڪهڙي حساب سان برداشت ڪيو ويندو ۽ جيڪڏهن پاڻي بچت تي پوي تہ اهو ڪيئن ورهايو ويندو.

پنجاب جي اڳوڻي چيف انجنيئر ۽ ايريگيشن سيڪريٽري پير محمد ابراهيم 1948ع ۾ لکيل پنهنجي ڪتاب ”مغربي پاڪستان ۾ پاڻيءَ جا حق“ جي صفحي 66 تي لکيو: ”سنڌ ـ پنجاب ٺاهہ وڏي غور ۽ ويچار ڪان پوءِ ڪيو ويو هو. ان ٺاهہ ۾ سنڌو سٽ جي ندين جي پاڻيءَ جي ورڇ هن ڪان وڌيڪ انصاف ڀري تي سگهي ئي نٿي.“

هن ٺاهہ جي گهٽين ڌرين تمام گهڻي تعريف ڪئي.

## هڪڙو ڊرافٽ نهيو پر قبول نہ ٿيو!

پر جڏهن پنجابي حڪمرانن کي پڪ ٿي تہ سال ٻن ۾ پاڪستان ٺهڻ وارو آهي ۽ امڪان ان ڳالهہ جو آهي تہ عملي طور سڄو پاڪستان پنجابستان بڻجي ويندو. تڏهن هڪڙي ڏينهن اوچتو ئي اوچتو پنجاب بهانا بڻائي، ان جڳ مشهور ٺاهہ تي عمل ڪرڻ ڪان صاف انڪار ڪري ڇڏيو. انهن تمام معصوميت سان اها ڳالهہ اهڙي نموني ڪئي، ڄڻ تہ ڪجهہ ٿيو ئي ڪونهي. چي: ”پنجاب ۽ سنڌ جي چيف انجنيئرن ڳالهيون شروع ڪيون، 1945ع ۾ هڪڙو ڊرافٽ تيار ڪيائون. جيڪو قبول نہ ٿي سگهيو.“ (انڊس واٽر ڪميٽي، جنوري 1971ع، پنجاب جو بريف، صفحو 54)

اهڙيءَ ريت سنڌ جي پنيءَ جي درياهن جي پاڻيءَ مٿان ڌاڙن جي سلسلي جو پاڪستان ٺهڻ ڪان اڳ واري 86 سالن جو ڏکو دور پورو ٿيو ۽ ان ڪان تمام گهڻو وڌيڪ ڦرلٽ ۽ رهزنيءَ جو اهو ٻيو دور شروع ٿيو. جيڪو اڄ تائين جاري آهي. صاف نظر اچي ٿو تہ جيڪڏهن اهو دور جاري رهيو ۽ اسان جا افعال ۽ اسان جي پوتارشاهيءَ جا ٽپڙ اهي ئي رهيا، جيڪي هينئر آهن، تہ سنڌ کي رڻ پٽ بنائڻ ڪان مشڪل سان بچائي سگهجي.

جُہ سي لوڙائو ٿيا، جنين سندي ڏير،<br>
ماروڙا فقير، ڪنهن در ڏيندا دانهڙي؟

(شاهہ)

# پاڻي معاملي ۾ سنڌ سان ٿيل
# ويساهه گهاتين جي تاريخ

وفاقي حڪومت، ارسا، پنجاب، واپڊا سيني گڏجي چشما- جهلم لنڪ ڪئنال کولائي ڇڏيو آهي. گريٽر ٿل ڪئنال خلاف جدوجهد ۾ شامل پ پ جي حڪومتي دور ۾ ئي گريٽر ٿل ڪئنال لاءِ پاڻي ڪنيو پيو وڃي. هن وقت ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته سنڌ جو پنجاب تي ڏيڍ سئو سالن کان جيڪو وهنوار آهي، ان جو حساب ڪتاب ڪري سنڌ کي هنگامي بنيادن تي وڏيڪ پاڻي ڏيئي ڪيس رڻ پٽ بنجڻ کان بچايو وڃي. هن وقت پنجاب جي ليڊرن ڪالاباغ ڊيم ۽ چشمه جهلم لنڪ ڪينال پاور پروجيڪٽ لاءِ پاڻي ڏيڻ، ڪوٽڙيءَ کان هيٺ پاڻي نه ڇڏڻ لاءِ واويلا ٻاري ڏني آهي ۽ چون ٿا ته جيڪو سندن چوڻ نه ڪندو، سو يا ڀارتي ايجنٽ آهي ۽ جيڪي اسيمبليون مخالفت ڪن، انهن کي ٽوڙي ڇڏيو. يو پي، سي پيءَ لاءِ، پنجاب جي مسلمان ليڊر شپ لاءِ انگريز سامراج ڪو به ايڏو وڏو مسئلو ڪو نه هو. اهو اٽلو انهن لاءِ هندو اڪثريتي بالادستيءَ خلاف هڪڙو وڏو سهارو ۽ ٻانهن جو ٻل هو. 1807ع وارو امرتسر جو عهدنامو، افغانستان تي گڏيل چڙهائي، جنگين ۾ گڏيل ساٿ، پاڪستان جي جدوجهد ۾ به يو پي، سي پي ۽ پنجاب ليڊر شپ انگريزن جي ڪن تي وات رکيو ويٺا هوندا هئا.

”مئي 1959ع ۾ عالمي بئنڪ سان جيڪي ڳالهيون ٻولهيون ٿيون، تن ۾ IBAB پاڪستان جون شديد ضرورتون اهي ڄاڻايون ته سنڌو نديءَ مان پاڻي جو ڏاڍو هٽي پنجاب جون نيون زمينون آباد ڪرڻ لاءِ سنڌو نديءَ تي زبردستي ٿاهيل تربيلا تي مڙهيل ڏاڍيل واهه وڏ ۾ وڏ

Gul Hayat Institute

طاقتور بنائي استعمال ڪيا وڃن. ايرندي پنجاب جي ندين ۾ ٻه ڪروڙ ٽيهه لک ايڪڙ فوٽ پاڻي لوٽياٺ گهٽائڻ لاءِ ڏنو وڃي. جن مان 35 لک ايڪڙ فوٽ هڪدم ڏنو وڃي. (ٻئي ڪنهن به پاڪستاني صوبي جي واهن جي نه پر فقط) پنجاب جي واهن جي مرمت وغيره ڪرڻ لاءِ 55 لک ايڪڙ فوٽ پاڻيءَ جو لازمي طرح بندوبست ڪيو وڃي. عالمي بئنڪ پنجاب جي ڪوڙين گهوڙا گهوڙا تي هٿرادي پيدا ڪيل ڪوٽ جي پورت لاءِ به ڊيم منگلا ۽ روهتاس پنجاب ڪي ٺاهي ڏيڻ جي آڇ ڪئي. هنن چيو ته هر حال ۾ سنڌوءَ تي ڊيم ۽ واهه ٺاهي ڏيو ته اتان واڌو پاڻي ڪٽي پنجاب ڪي ڏيون. سنڌين ڪي چيو ويو ته پاڻ ڪي عالمي بئنڪ. انڊيا ۽ ٻين دنيا جي شاهوڪار ملڪن ڪان وڏ ۾ وڏ پئسا وٺا آهن. ان لاءِ اهو ٻڌائڻ ضروري آهي ته اهي پئسا ڪٿي خرچ ٿيندا. ان ڪري جيڪي پروجيڪٽ اهڙا نظر اچن. جن لاءِ پئسا خاطريءَ سان ملندا ته اهي منظور ڪرائي پئسا وٺبا. پر حقيقت ۾ اهي پئسا سيني صوبن جي ڪم آندا ويندا. سنڌ ڪي چيو ويو ته تربيلا ڊيم تي اعتراض نه ڪريو اهو آهي ئي سنڌ لاءِ. ٻيو ڪنهن لاءِ به ناهي. ان مان ڏاڙيل واهن ذريعي پاڻي ڪيڻ جون جيڪي رٿائون آهن. سي سڀ نالي ماتر ٻاهران پئسا ڪيڻ لاءِ آهن. تربيلا مان ڪو به پاڻي ڪونه ڪيبو. اهو سنڌ جو رهندو اهو ئي سبب آهي ته اپريل 1980ع ۾ انڊس واٽر ڪميشن جي چيئرمين جسٽس انوار الحق چيو ته. "هندستان سان ڳالهيون ٻوليون ڪندي ڪٽي ڪهڙيون به رٿائون پيش ڪيون ويون هجن. پر انهن جو ٻين صوبن جي حقن تي ڪو به برو اثر نه پوندو آئون ائين ٿو سمجهان. هندستان سان ڪارو هنوار ڪندي ماڻهو هندستان ڪي ڇا به ٻڌائي سگهي ٿو". (ابرار قاضي "ڪالاباغ ڊيم" ص: 73_72)

حقيقت اها آهي ته اسان ڪي خاطري ڏني وئي ته رٿائن ۾ ڪٿي ڇا به لکيل هجي پر اهي سڀ دنيا جي ملڪن ڪي ٻڌائڻ واريون ڳالهيون آهن. توهان پرواهه نه ڪريو. توهان ڪي ڪو به نقصان نه ٿيندو. اها مغربي پاڪستان سرڪار جي ڪئبنيٽ جي جيڪا 13.11.1955 تي ميٽنگ ٿي هئي، تنهن ۾ به ورجائي وئي. ان يقين دهانيءَ جي فيصلي جي ڪاپي اسان بار بار گهري آهي، پر ملي نٿي. بهرحال حقيقت اها

آهي تہ اسان کي سدائين اهو چيو ويو تہ تربيلا ڊيم سنڌ لاءِ آهي، ٻيو ڪنهن لاءِ بہ نہ". (وهاب شيخ "سنڌ ڪيس" ص: 17)

هندستاني پنجاب جي حڪمرانن سان سازش ڪري جيڪا هٿرادو کوٽ پيدا ڪئي وئي، تنهن ٺڳي ۽ فراڊ لاءِ ذميوار پنجاب هو ۽ آهي. ان کوٽ جو اثر سنڌ تي بہ پيو. ان لاءِ بہ پنجاب جا حڪمران طبقا ذميوار هئا تہ انهن جو فرض هو تہ ان نقصان جي تلافي ڪن. پر خالص پنجاب IBAB ڪميٽيءَ نہ رڳو سنڌ کي ان کوٽ جو ڪو بہ وهنوار ڪو نہ ڏنو پر اٽلو اها پنجاب جي کوٽ بہ سنڌ جي ڳچيءَ ۾ وجهي ڇڏيائون، هٿرادو کوٽ جي پورت لاءِ سڄي دنيا کي چيو ويو تہ ان کوٽ جي پورت لاءِ جيڪا بہ مدد ملندي، اها سڄي مغربي پاڪستان جي سمورن صوبن لاءِ هوندي. ان ڪري انڊيا 17 ڪروڙ 50 لک ڊالر، ڪنسور شيم وارن ملڪن 17 ڪروڙ 50 لک ڊالر ڏنا ۽ پڻ 15 ڪروڙ ڊالر قرض بہ ڏنائون. اپريل 1964ع واري اضافي ايگريمينٽ مطابق پاڪستان کي ساڍا 31 ڪروڙ ڊالر غير ملڪي ايڪسچينج جا بہ مليا، ان سموري زبردست رقم، جيڪا سموري مغربي پاڪستان جي لاءِ ملي هئي، تنهن جي هڪڙي پائي بہ نہ سنڌ ۾ خرچ ڪئي وئي ۽ نہ ڪنهن ٻئي صوبي ۾.

پنجاب جيڪا پنهنجي پاڻيءَ جي کوٽ ڏيکاري هئي، سا حقيقت ۾ ربيع ۾ 31 لک، 20 هزار ايڪڙ فوٽ هئي ۽ خريف ۾ هڪ ڪروڙ 67 لک ايڪڙ فوٽ هئي، پر پنجاب جي حڪمران ٽولن اها کوٽ 2 ڪروڙ ايڪڙ فوٽ ڪري ڏيکاري ۽ اوترو پاڻي وٺي ڪائي ويا. جيڪا امداد ملي، سا پاڻ کائي ويا ۽ ان جو هڪڙو رپيو بہ ڪنهن ٻئي صوبي تي، خاص ڪري پوڇڙ واري پائيوار صوبي سنڌ تي خرچ ڪو نہ ڪيائون.

پاڻيءَ جي پنجاب سان لاڳاپيل حڪمرانن طرفان هندستان سان سازش ڪري ان جي هٿان پاڪستان جو پاڻي هٿرادو نموني بند ڪرائڻ جو نقصان رڳو اولهہ پنجاب کي ڪو نہ ٿيو پر سنڌ کي جيڪو پنجند وٽ سنڌوءَ جي پرتي ڪندڙ ندين مان ربيع ۾ 19 لک، 20 هزار ايڪڙ فوٽ ۽ خريف ۾ 2 ڪروڙ 93 لک 60 هزار ايڪڙ فوٽ پاڻي هر سال ملندو هو، اهو بہ بند ٿي ويو. (37-1936 کان 46-1945 جي

عرصي دوران سراسري طرح پنجند وٽان سنڌ کي پنجاب جي، سنڌو نديءَ کي ڀرتي ڪندڙ ندين مان ايترو پاڻي ملندو هو.) اهو حساب سنڌ کي 1948ع کان وٺي اڄ ڏينهن تائين ملڻ کپندو هو ۽ ملڻ کپي. خاص طرح هينئر سنڌ اندر پاڻيءَ جي وڏل هٽرادو ماڻهو مار. خوفناڪ ڏڪار جي حالت ۾. جيڪي بہ ٻاهران امداد. قرض وغيره جا پئسا مليا هئا. سي فقط پنجاب لاءِ نہ هئا. پر سموري مغربي پاڪستان لاءِ هئا.

## هتي هيٺيون ڳالهيون نوٽ ڪرڻ گهرجن:

1971ع ۾ پنجاب جي ٽيوب ويلن ۾ ڪم ايندڙ پاڻي منگلا ۽ تربيلا ڊيمن جي پاڻيءَ جي گڏيل مقدار کان ڪيئي ڀيرا وڌيڪ هو. (عبدالوهاب "سنڌ ڪيس" ص: 47). انصاف جي تقاضا آهي تہ پاڪستان جي پاڻيءَ جو جڏهن ذڪر ٿئي، تڏهن ان ۾ رڳو وهندڙ پاڻيءَ جو ذڪر نہ ٿئي، پر ڊيمن جي پاڻيءَ، زير زمين پاڻيءَ ۽ بارش جي پاڻيءَ جي مقدارن جو ذڪر بہ شامل ڪجي. دراصل پنجاب جي اختياريءَ وارن جي سازشي ڪارروايون سبب جيڪا پنجاب جي پاڻي ۾ ان وقت هٽرادو ڪوٽ ٿي، سا ربيع ۾ 31 لکن 20 هزار ايڪڙ فوٽ ۽ خريف ۾ هڪ ڪروڙ 6 لک، 70 هزار ايڪڙ فوٽ هئي. پر پنجاب جي اختياري وارن اهو ڏيکاريو تہ ڪيس 2 ڪروڙ 11 لک ايڪڙ فوٽ جي ڪوٽ ٿي آهي ۽ ان جو هنن سنڌ، بلوچستان ۽ اوير پاڪستان جي ڪنڌي تي عيوضو ورتو." (وهاب شيخ، "سنڌ ڪيس"، ص: 88)

واهن جي سڏارن جي لاءِ سنڌ کي ڪو بہ پاڻي نہ ڏنو ويو. پر پنجاب اختياريءَ وارن 55 لک ايڪڙ فوٽ فقط پنهنجي واهن لاءِ وٺي ڇڏيو. پنجاب ۾ ٻوڏ جي موسم ۾ چناب ۽ جهلم ندين جو جيڪو ٻوڏ جو پاڻي هيٺ سمنڊ ڏانهن ويو، تنهن کي پنجاب جي اختياريءَ وارن پنهنجي ڪوٽ جو ڪارڻ ڄاڻائي منگلا ڊيم جن واهن جي ڪوٽ لاءِ خاص طور ٺاهيو ويو هو. انهن واهن يعني تريمو پنجند ۽ اسلام واهہ جي ڀرتي ڪرڻ جو ذمو، سنڌو نديءَ ۽ ان تي مڙهيل تربيلا ڊيم تي هٽي ڇڏيو. پنجن مان ٽي نديون پنهنجي منهن وڪڻي ڇڏڻ ڪانپوءِ بہ پنجاب جي اختياريءَ وارن وٽ چناب ۽ جهلم ندين جو پاڻي هو ۽

تہ پنجاب سان لاڳاپيل اختياريءَ وارن جو هر دور ۾ هر زماني ۾ پاڻيءَ جي ڦرلٽ لاءِ واردات جو طريقو اهو پئي رهيو آهي تہ سدائين اهو چوندا وتن تہ پنجاب جون نديون ۽ واهہ سدائين تنگيءَ ۾ آهن ۽ سنڌوءَ ۾ سدائين اٿاهہ پاڻيءَ جي ٻوڏ آهي ۽ اهو ٻوڏ وارو اجايو پاڻي خوامخواهہ وڃيو سمنڊ ۾ زيان پيو ٿئي. ان اجائي زيان ٿيندڙ پاڻيءَ کي پنجاب ۾ سخت کوٽ جي پورت لاءِ ڪتب آڻڻ ضروري آهي.

پاڻيءَ جي کوٽ واڌ بابت فرضي داستان ٻڌائڻ سان گڏ پنجاب جي اختياريءَ وارن جو ٻيو دلپسند حربو آهي، منٿون ڪري ڪنهن بظاهر معمولي ڳالهہ لاءِ عارضي رعايت وٺي پوءِ جڏهن تڏهن وٺي اعلان ڪندا تہ اها عارضي رعايت نہ هئي. پر اهو اسان جو بنيادي حق آهي ۽ اهو اسان کي هميشہ لاءِ استعمال ڪرڻو آهي ۽ پوءِ آخري هٿيار اهو هلائيندا تہ ان شيءِ تي ٻهريون حق آهي ئي اسان جو ۽ جنهن جي اها اصلي ملڪيت آهي، ان کي ان مان ڪجهہ نہ ڪجهہ فقط ايترو سرندو جيترو اسين ڪائي پي اوبر ڪري بچائينداسين. سنڌو درياهہ تي تربيلا ڊيم مڙهڻ لاءِ چيائون تہ اهو ڊيم فقط سنڌ جو آهي ۽ سنڌ جي واهن لاءِ آهي، پوءِ وري چيائون تہ ان مان ٻہ واهہ ٿا ڪڍون تہ سنڌو نديءَ ۾ جڏهن ڪو پاڻي اجايو بچي پوي ۽ خوامخواهہ وڃي سمنڊ ۾ پيڙو ٿيڻ جهڙو ٿي وڃي تہ پوءِ سنڌ جي اجازت سان اهو اجايو پاڻي خوامخواهہ زيان ٿيڻ کان بچائي پنجاب اندر دائمي کوٽ جي پورت لاءِ ڪم آڻي ڇڏجي. تان جو پوزيشن اتي وڃي بيٺي آهي، جو عملي طرح سڄي سنڌو درياهہ تي قبضو ڪريو ويٺا آهن.

جيئن ئي 1973ع ۾ ڊاڙيل واهہ چشمہ-جهلم لنڪ ڪئنال ٺهي پورو ٿيو، تيئن ئي تاريخ 18-6-1973 تي واپڊا عرض ڪيو تہ ٿورڙو واهہ کولي ڏيو تہ ان کي آزمائي ڏسون تہ ان جي حالت ڪهڙي آهي. ان ڏينهن کان وٺي هو تيسين ٻاهہ ٻاري ويٺا هئا. جيسين 3 جولاءِ 1973ع تي پيپلز پارٽيءَ جي گورنمينٽ کان "ٿورڙي دير جي موڪل وٺي" هيئين عارضي ٺاهہ تحت ان کي کولايائون ۽ پوءِ انهيءَ ئي دور ۾ ان عارضي ٺاهہ تان ڦري هميشہ لاءِ ان تي قابض ٿي ويا!

Gul Hayat Institute

## عارضي ٺاهه: سال 1972ع ۾ چشمه-جهلم لنڪ کولڻ بابت

"جيستائين پاڪستان جو صدر سنڌو نديءَ ان جي ڀرتي ڪندڙ ندين جي پاڻي جي ورڇ بابت آخري فيصلو ڪري جنهن موجب اهو به فيصلو ٿيندو ته سنڌو ندي مان جيڪي لنڪ ڪئنال ڪڍيا ويا آهن. انهن جي استعمال جا شرط ڪهڙا هوندا. تيستائين سنڌ ۽ پنجاب جي اريگيشن کاتن جي وزيرن جي گڏجاڻي صوبائي ڪو آرڊينيشن جي ڪنٽرول واري وزير عبدالحفيظ پيرزادي صاحب گهرائي. جنهن اڄ لاهور شهر ۾ هيٺيون عارضي ٺاهه ڪيو:

پنجاب جو گورنر، مرڪزي خزاني جو وزير، مرڪزي اطلاعات جو وزير ۽ سنڌ جو وزير اعليٰ گڏجاڻيءَ ۾ شريڪ هئا". "جولاءِ جي مهيني ۾ سنڌو سٽ جي ندين ۾ سندن واهن جي ضرورت کان وڌيڪ پاڻي هوندو آهي، دراصل سنڌونديءَ توڙي ان جي ڀرتي ڪندڙ نديءَ مان پاڻي نڪري سمنڊ ڏانهن ويندو آهي ۽ تنهن جي ڪري ڪا به اهڙي ضرورت ڪانهي ته سنڌو ندي جي ضرورت کان بچيل پاڻيءَ کي چشمه-جهلم لنڪ ڪئنال ذريعي ٻئي پاسي موڪليو وڃي." تنهن هوندي به اهو فيصلو پنجاب سرڪار جي گذارش تي ڪيو ويو آهي، جنهن جو مقصد آهي ته ان لنڪ ڪئنال جي پوڇڙ واري پاسي کي سڪڻ نه ڏجي. اهو پڻ فيصلو ڪيو ويو آهي ته اهو (اڪيلو) هڪڙو وهڪرو سورهن آنا عارضي بنياد تي هوندو ۽ ان جي ڪري ڪو به اهڙو حق پيدا نه ٿيندو ته چاڪاڻ جو هڪڙي وهڪري جو موقعو مليو آهي، تنهن ڪري اسان جو اهو حق پيدا ٿيو آهي ته ٻين به اهڙن وهڪرن جي اجازت ملي.

"جيڪڏهن سنڌ جو وزيراعليٰ چوي ته سنڌو نديءَ جي پاڻيءَ جووهڪرو گهٽ وڌ ٿي ويو آهي، ته پوءِ واپڊا هڪدم چشمه-جهلم لنڪ ڪئنال بند ڪري ڇڏي".

هن ٺاهه ۾ ڪنهن به هيڪ ۽ مونجهاري کانسواءِ صاف صاف ۽ چٽن ۾ چٽن لفظن ۾ فيصلو ڪيو ويو آهي ته:

(1) لنڪ ڪئنالن کي جي استعمال ڪرڻو آهي ته فقط مقرر شرطن ماتحت ڪرڻو آهي.

(2) سنڌو نديءَ مان پاڻي فقط تڏهن ڪٽي سگهبو جڏهن اهو سنڌ جي ضرورتن پورين ڪرڻ ڪانپوءِ بچيل رهجي ويو هجي.

(3) هي ٺاهه فقط ۽ فقط هڪڙو دفعو پاڻي ڪٽڻ جي اجازت ڏئي ٿو. ان جي هڪڙي دفعي اجازت جي ڪري ٻئي دفعي به اجازت گهرڻ جي سخت منع آهي.

(4) اها هڪڙي دفعي جي اجازت به ان شرط سان آهي ته جيڪڏهن سنڌ جو وزيراعليٰ سمجهي ته ان هڪڙي دفعي جي پاڻي ڪٽڻ جي ڪري سنڌو نديءَ جو وهڪرو ضرورت کان گهٽ وڃي ٿي ويو آهي ته ان حالت ۾ واپڊا کي حڪم ڏئي آهي ته اها هڪڙي دفعي واري پاڻيءَ جي ڪٽت به هڪدم بند ڪري ڇڏي.

پر اڃا ان ٺاهه کي ٽي مهينا ئي ڪو نه گذريا ته پنجاب ان ٺاهه تان ڦري ويو ۽ پنجاب جي گورنر غلام مصطفيٰ کر 16 آڪٽوبر 1973ع تي نمبر GAS/B/173 جي خط ۾ لکيو:

"چيو پيو وڃي ته اهو لنڪ ڪئنال (چشمه-جهلم) ان لاءِ ٺاهيو ويو آهي ته بچي پيل پاڻي ڪن خاص حالتن ۾ (سنڌوءَ مان ڪڍي پنجاب طرف) ڪنيو وڃي، مون کي افسوس سان ٻڌائڻو ٿو پوي ته اها ڳالهه ائين نه آهي، اهو واهه ان لاءِ ٺاهيو ويو آهي ته (پنجاب جي) حويلي واهن ۽ لوئر ستلج واديءَ جي واهن کي گهربل پاڻي پهچائي ۽ هميشه پهچائيندو رهي، تربيلا ڊيم ٺهي راس ٿيڻ کانپوءِ اهو ائين ئي استعمال ڪيو ويندو. ائين برابر آهي ته مون کي خبر آهي ته سنڌ حڪومت جا ان ڳالهه بابت ويچار ٿورا مختلف آهن، مون کي يقين آهي ته اهي اختلاف جلد دور ڪيا ويندا".

اهڙيءَ ريت پنجاب جي اختياريءَ وارا پنهنجي ان پراڻي ڏنڌي کي لڳا رهيا ته جڏهن به ضرورت پوي، تڏهن جيڪي وٽي سي ٺاهه ڪجن ۽ جڏهن مرضي پوي تڏهن انهن کي ڦاڙي ڦٽو ڪري ڇڏجي، ان هوندي به 1985ع تائين هر سال سنڌ حڪومت کان اجازت گهري ويندي هئي ته اهو ڪئنال کولڻ ڏيو. 1985ع ۾ جڏهن سنڌو نديءَ ۾ پاڻي حد کان وڌيڪ گهٽ ٿي ويو، تڏهن پنجاب جو گورنر جنرل غلام

جيلاني ۽ صفدر بٽ واپڊا جو چيئرمين پاڻ وڃي چشمہ-جهلم ڪئنال کولايائون. ان ڏينهن کان وٺي سنڌ کي پاڻي پهچي نہ پهچي پر تونسا-پنجند ۽ چشما-جهلم ڪئنال ڪنارن تار وهندا ۽ سنڌو نديءَ جو پاڻي ڍوئيندا ۽ سنڌ سڪائيندا رهن ٿا. 1991ع ۾ ڄام صادق علي، جنهن تي ڪئين سياسي قتل جا ڪيس هئا، تنهن کي ون يونٽ جي دور جهڙي سياسي دهشتگرديءَ ذريعي سنڌ جي چيف منسٽر طور مڙهي ڪانئس صحيح وٺي پنجاب کي 1945ع واري ٺاهہ موجب جيترو پاڻي ملڻو هو ان کان 70 لک ايڪڙ فوٽ وڌيڪ پاڻي ڏياريو ويو ۽ سنڌ کي هڪ ايڪڙ فوٽ بہ وڌيڪ پاڻي ڪو نہ ڏياريو ويو. ان صحيح واري ڪاغذ جو نالو رکيو ويو. "1991ع وارو سنڌ پنجاب پاڻي ٺاهہ!"تن سالن ڪانپوءِ وزارتي ڪاغذن ۾ جعلسازي ڪري سنڌ جو حصو اڃا کان بہ گهٽائي ڇڏيائون ۽ ان کي ڪوٺيائون "1994ع جو وزارتي اجلاس وارو ٺاهہ!" پاڪستان جي پاڻين مان سنڌ جي پتيءَ جي پاڻيءَ جو وڏو حصو پنجاب وارا ڦُڙڪائي ويا آهن. منگلا ڊيم جيڪو هڙادو ڪوٽ جي پورت لاءِ ٺهرايو ويو هو، تنهن تي پنجاب جون نيون زمينون پيون آباد ٿين ۽ ڪوٽ جو پورائو ڏاڙيل واهن ذريعي سنڌو نديءَ مان پيو ٿئي ۽ سنڌ ڪجهہ سڪي وئي آهي، ڪجهہ سڪڻ تي آهي، دنيا جي تاريخ ۾ هن کان وڌيڪ پيانڪ انسان دشمن ڏوهہ چنگيز، هلاڪو ۽ هٽلر جي دور ۾ بہ نہ ٿيا. هي ڏوهہ فوجداري توڙي ديواني توڙي آئيني آهن. انهن جي تدارڪ ۽ تلافي لاءِ ضروري آهي تہ اقوام متحده اسلامي ملڪن جي ڪانفرنس ۽ سارڪ جي سطح تي عدالتي فيصلو ڪرائي سنڌ ۽ سنڌي قوم کي مڪمل تباهيءَ کان بچايو وڃي ۽ ڏوهارين کي عبرتناڪ سزائون ڏنيون وڃن، جيئن آئنده ڪنهن بہ فرد يا اداري کي پنهنجي ملڪ جي عوام سان ههڙيون ناانصافيون ڪرڻ جي جرئت نہ ٿي سگهي.

(روزاني "ڪاوش"، آچر 18 جولاءِ 2010ع)

Gul Hayat Institute

Mob: 0311-5800378

Gul Hayat Institute